مختيار احمد ملاح

# محمد بخش جوهر جو سنڌي جاسوسي ادب جي حوالي سان ڪردار


***Abstract:***

## The Contribution of Muhammad Bux Johar with reference to Detective Literature in Sindhi Language

*Detective Literature has big importance in the world literature. Detective Fiction is actually a sub -genre of crime fiction and mystery fiction in which an investigator or a detective—either professional, amateur or retired—investigates a crime, often murder. The detective genre began around the same time as speculative fiction and other genre fiction in the mid-nineteenth century and has remained extremely popular, particularly in novels. Some of the most famous heroes of detective fiction include C. Auguste Dupin, Sherlock Holmes, and Hercule Poirot.*

*The British Period occupies very important place in the history of Sindh. It was renaissance of Sindhi Literature, when a number new literary branches included into Sindhi language, especially fiction writing. During this period, Detective Literature into Sindhi was at is zenith and a number of magazines, newspapers, publishers were engaged in printing dramas, novels and stories. However, the Detective Literature in Sindhi lost its importance after independence and Movement of Nationalism in Literature during One Unit completely kicked out Detective Literature from Sindhi. Only, Muhammad Bux Johar and a few others tried their level best to survive this genre of literature.*

*Muhammad Bux Johar was a basically a Sindhi journalist from Hyderabad, who worked in the media for more than 45 years. He worked as editor of Hilal Pakistan, Daily Aftab of Sindh and other newspapers. He also edited Sindhi Digest for three decades. He was a great writer and translator of detective, scientific, fantasy and crime fiction in Sindhi language. He wrote more than 120 books. He translated almost series of Sherlock Homes in Sindhi language. After independence, he was the only writer who wrote detective literature. In addition to detective literature, he also wrote many novels and short stories on social and romantic topics. His works on Science Fiction in-*







*cludes Flying carpet (اڏام کٽولو) Army of ants (ماڪوڙن جي فوج) and Rampant Holidays .(اڏامندڙ ٽالهيون) Johar retired from active journalism in late 90's when Sindhi daily Aftab was closed down. He died June 6, 2010 in Karachi.*


'**ادب**' پنهنجي وجود ۾ وسيع معنيٰ ۽ مفهوم رکي ٿو. 'ادب' لفظ جي اوسر جڏهن سر زمين عرب ۾ ٿي، تڏهن يورپ وارن ان جو مفهوم Enlightened Literature يا Polite Literature ڪري ورتو. جنهن مان اهو علم يا تحرير ظاهر ٿي ٿئي، جيڪا، لطافت ۽ عملي زيب ۽ زينت ڏانهن اشارو ڪري ۽ انهن قدرن جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اها تحرير يا تخليق، جيڪا انساني طبيعت ۾ لطف، سڪون يا سرور پيدا ڪري. انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا مطابق 'لٽريچر' ( Literature) هڪ عام لفظ اهي، جيڪو اهو مفهوم ڏئي ٿو ته خيال جو اظهار جيڪو تحرير هيٺ اچي سو لٽريچر اهي. اها لکت، جنهن ۾ زيب، زينت، حسن ۽ رعنائي هجي، ادب، لطافت ۽ زندگيءَ جي گوناگون حقيقتن جي ترجماني ڪري ۽ انهن خوبين جي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي. "ادب جو بنيادي ڪم جمالياتي خوشي ڏيڻ آهي."[(١)] ادب جي اندر مان ڪيترين ئي شاخون اپري نڪرن ٿيون، جن ۾ ڪجھ نثر ۾، ته ڪي شاعريءَ ۾ ته ڪي نظمي نثر ۾ اچي وڃن ٿيون. نثري ادب ۾ افسانوي ادب جي اهميت ۽ افاديت اجا به وڌي وڃي ٿي. افسانوي ادب جي معنيٰ آهي خيالي يا تصوراتي ادب. مختصر ڪهاڻي يا مختصر افسانو، ناٽڪ ۽ ناول افسانوي ادب (Fiction) جون اهم شاخون سمجهيون وڃن ٿيون. افسانوي ادب جا سرجيندڙ، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس ۽ ناول نگار سڏبا وڃن ٿا. فڪشن کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي:

١. حقيقت پسند فڪشن (Realistic Fiction )
٢. غير حقيقي فڪشن (Non-Realistic Fiction)

'حقيقي فڪشن' جي لغوي معنيٰ ايئن ٿيندي ته سچا ڪوڙا قصا. متضاد ڳالهه آهي ته جڏهن اهو بنيادي طور آهي ئي ڪوڙو قصو ته سچو ڪيئن هوندو؟ ان جو مثال هن طرح ٿا ڏيون ته جولس ورني (Jules Verne) ناول لکيو هو 'ڌرتي کان چنڊ تائين' (From the earth to the moon)جيڪو اڳتي هلي سچ ثابت ٿيو، جو ١٩٦٩ع ۾ نيل آرم اسٽرانگ چنڊ تي پهريون قدم رکيو ته اهو سچ ثابت ٿيو. واضح ٿيو ته حقيقي فڪشن اهڙي لکڻي آهي، جيڪا آهي ته غير حقيقي پر اڳتي هلي سچ ثابت ٿي سگهي ٿي. اُهي تصور ۾ آندل واقعا، حادثا، اڳڪٿيون حقيقت جو روپ ڌاري سگهن ٿيون.

'غير حقيقي فڪشن' هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ حد درجي جي فئنٽسي هجي، جيڪو ڪڏهن به حقيقت جو روپ ڌاري نه سگهي، اهو غير حقيقي فڪشن آهي. هن قسم جي فڪشن ۾ جادو، غير فطري ڏيکاءُ ۽ ٻين مخلوقن جي تصوراتي دنيا يا انساني فطرت جا اهي پاسا جيڪي ڪڏهن حقيقت جو روپ نه ڌاري سگهن، شامل آهن. جنهن جو وڏو مثال هيري پوٽر (Harry Potter) ناول جي سيريز آهي، ان کي (Fantasy) به سڏي سگهجي ٿو. اڄڪلهه سائنس فڪشن جو دؤر آهي، جنهن ۾ فلم به اچي وڃي ٿي. انهيءَ صنف ذريعي تخيل جي مدد سان اديب ڪن سائنسي تصورن کي پيش ڪندا آهن. افسانوي ادب ۾ جاسوسي ادب، جيڪو ڪنهن ناول، ڪهاڻي، ناٽڪ يا فلم جي معرفت اچي ٿو ۽ تمام وڏي اهميت رکي ٿو.

جاسوسي ادب ۾ گهڻو ڪري ڏوهن تي مبني افسانوي ادب يا اسراري افسانوي ادب اچي وڃن ٿا. هن قسم جي افسانوي ادب ۾ تفتيش ڪندڙ يا جاسوسي ڪندڙ يا ته ڪوئي پروفيشنل، شوقيه يا رٽائرڊ شخص هوندو آهي، جيڪو ڪنهن جرم جي جاچ ڪندو آهي، يا ڪنهن سازش، قتل جو سراغ لڳائيندو آهي. "جاسوسي ادب مان اسان جي مراد اهڙو ادب آهي، جنهن ۾ تلاش، پيچيده مسئلن جي نشاندهي، سلجهائڻ جا طريقا، خفيه مهمون، ايڊوينچر، مار ڌاڙ وغيره عروج تي هوندي آهي. جاسوسي ادب ڪهاڻي، ناولن ۽ ناٽڪن تي مبني هوندو آهي. جاسوسي ادب جي ڪهاڻين ۾ پڙهندڙن، ڊرامي جي ڏسندڙن جي ذهن ۾ اهڙو سوال اڀرندو آهي ته ڪهاڻيءَ ۾ هاڻي ڇا ٿيندو يا ٿيڻ وارو آهي. ان ڪهاڻيءَ ۾ تجسس يا اشتياق چوٽ چڙهيل هوندو آهي."[٢] جاسوسي ادب لکندڙ جاچ پڙتال ڪري، نيون ڳالهيون، نوان انڪشاف ۽ نوان راز، ڳولي هٿ ڪري ڪتاب ۾ سموئي ٿو.

دنيا جي ادب ۾ جاسوسي ادب کي خاص مقام حاصل آهي. جاسوسي هڪ قسم جي صلاحيت آهي، جنهن ذريعي مخالف جي رٿائن، ارادن ۽ نيت بابت معلومات گڏ ڪجي ٿي. هي عمل رياستي وهنوار جي حوالي سان اندروني توڙي بيروني طور وڏي اهميت رکي ٿو. اهو عمل فوجي يا غير فوجي معاملن ۾ ڪليي ڪلايي يا ڳجهي انداز ۾ سرانجام ڏيئي سگهجي ٿو. بهرحال هر حوالي سان ان عمل جو مقصد، پاليسين جي جوڙجڪ لاءِ معلومات جي حاصلات ۽ ان جي ڇنڊڇاڻ ڪري، محفوظ ڪرڻ آهي. لنڊن ۾ Sir Arthur Conan Doyle جي تخليق ڪيل ڪردار 'شرلاڪ هومز' جا قصا ۽





سندس گهر 'بيڪر اسٽريٽ' ۾ چيو ويندو آهي. بيڪر اسٽريٽ اڄ به اتي موجود آهي ۽ شرلاڪ هومز جي ڪردار جي ڪري مشهور آهي. انهن جاسوسن تي جاسوسي ناولن جا اشاعتي ادارا هئا. جهڙوڪ سيڪسٽنُ جي يادگار طور ا بلئڪ لائبرري. ان نالي سان جاسوسي ناول ماهوار شڪل ۾ شايع ٿيندو هو، اردو ۾ به جاسوسي ادب جو خانو به سنو ڀريل آهي. ابن صفي، اڪرم الهه آبادي، ايڇ اقبال، ايم اي راحت، مظهر ڪليم، اظهر ڪليم، ايم. ايس. قادري ۽ اثر نعماني وغيره پاڻ ملهايو آهي. ابن صفي صاحب جو 'عمران سيريز' ناول لکين ماڻهو پڙهندا هئا. هر مهيني هن جو ناول ايندو هو ۽ ماڻهو شدت سان انتظار ڪندا هئا. اردو ۾ جاسوسي ادب جي مقبول سيريز ۾: عمران سيريز، فريدي حميد سيريز، انسپيڪٽر جمشيد سيريز، شرلاڪ هومز سيريز، جيمز بانڊ سيريز، پرمود سيريز وغيره اهم آهن."[٣]

جديد سنڌي نثر جي باقاعده شروعات انگريزن جي دؤر ۾ ٿي، ناول، ڊراما، افسانا وغيره سنڌي ادب ۾ انگريزي اثر جي معرفت متعارف ٿيا. هن ئي دور ۾ جاسوسي ادب جي نه صرف شروعات ٿي پر اهو ادب پنهنجي عروج تي پهتل نظر آيو. هن دور جي جاسوسي ناول، ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ پڙهندڙن ۽ ڏسندڙن وٽ وڏي اهميت رکندا هئا. ڪيترائي جاسوسي ناول ۽ ڊراما لکيا ويا ۽ شايع ٿيا، جن مان صرف چند جو ذڪر پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي نثر جي تاريخ' ۾ ڪيو آهي. ان دور ۾ جاسوسي ادب ايترو ته مقبول ۽ معروف هو جو باقاعده الڳ اشاعتي ادارا، رسالا ۽ سلسلا هلندا هئا. ڪيترين اخبارون قسطوار جاسوسي ناول شايع ڪندا هئا. هڪ اندازي مطابق، صرف انگريزن جي دور ۾ ٥٠٠ کان مٿي جاسوسي ناول شايع ٿيا. انگريزن جي دور ۾ شايع ٿيل جاسوسي ناول ڊاڪيومينٽ ٿي نه سگهيو آهي. هن دور ۾ سڀ کان وڌيڪ جاسوسي ناول ماستر هاسومل پيسومل لکيا، پر ڪنهن به ادبي مورخ سندس ذڪر ڪنهن ڪتاب ۾ ڪو نه ڪيو. هن هڪ اندازي موجب هڪ سؤ کان مٿي جاسوسي ناول لکيا. محمد بخش جوهر جي ناولن جو به ڪافي تعداد آهي. نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي جو شمار به بنيادي جاسوسي ناول نگارن ۾ ٿئي ٿو. ان دور ۾ ڇيٽانند واڌو مل، تيجومل ڀوڄراج، آسودومل ٽاڪرداس ٺڏاڻي، سنتداس ڊولومل، ڇيٽانند ٺڏومل، وسٽمل ڪشنچند، ڪنول سنگ پوهومل، ٺهلسنگ صاحبسنگ، ٽاڪرداس ڪيشوداس، چيلارام ڪرمچنداڻي، منوهرداس ليلارام،

چتومل چيتانند، منو تولارام ۽ ٻيا شامل هئا. جڏهن ته مسلمان اديب پڻ جاسوسي ادب ۾ پوئتي ڪو نه هئا، مرزا قليچ بيگ ته جاسوسي ادب کي رائج ڪيو. مرزا مدد علي بيگ ڪافي جاسوسي ناول لکيا. خوشي شاهه، امام بخش خادم، مرزا قربان علي، سيد جلال شاهه، لطف الله بدوي، آخوند عبدالله ماستر مشتاق علي ’ڪربلائي‘ ۽ ٻيا شامل هئا.

جاسوسي ادب جا سنڌي نوجوانن تي هاڪاري نتيجا نڪتا. سنڌي ۾ جاسوسي ادب جو نوجوانن تي اثر جي حوالي سان رسول بخش پليجي لکيو آهي ته ”جاسوسي ناولن اسڪولي شاگردن جي دنيا بدلائي ڇڏي. جان عالم، حاتم طائي، امير حمزي جي جاءِ تي بلئڪ، شرلاڪ هومز ۽ ڊاڪٽر واٽسن اچي ويا، ويچارو بوقلمون جادوگر وسري ويو ۽ آرسين لوپن جو سڪو ڄمي ويو. انهن ناولن ننڍيءَ ٿهيءَ جي نسل ۾ پنهنجي ماحول جي سستيءَ ۽ بيڪاريءَ لاءِ بيزاري پيدا ڪئي، ڪين سائنس جي ترقيءَ کان واقف ڪيو، ۽ جادوءَ جو جادو سندن دلين تان لهي ويو. انهن وهمن جي جاءِ سائنس جي ايجادن والاري. هو لنڊن ۽ پئرس جي گهٽيءَ گليءَ جا واقف ٿي ويا. سندن خيالن ۾ اٿل پٿل آئي، ۽ يورپ جي حيرت انگيز ۽ پراسرار دنيا کي نئين جنت سمجهڻ لڳا.“(۴)

آزاديءَ کان پوءِ جاسوسي ادب، سنڌي ٻوليءَ ۾ اهو عروج حاصل ڪري نه سگهيو، جيڪو ان کي انگريزن جي دور ۾ حاصل هو، بلڪ آهستي آهستي ختم ٿيندو ويو. شروع ۾ جاسوسي ادب کي جاري رکڻ جون ڪجهه ڪوششون ٿيون، جنهن ۾ محمد بخش جوهر ۽ نذير حسين پٽي، نظير شيخ ۽ ڪي ٻيا سيني کان اڳرا هئا. ڪي ادبي ادارا به قائم ٿيا، پر محمد بخش جوهر کان سواءِ ڪو به جاسوسي ۽ سائنسي ادب کي ترقي ڏياري نه سگهيو.

محمد بخش ’جوهر‘ ولد وريام جتوئي جو جنم ۲۹ اپريل ۱۹۱۹ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. پاڻ اين ايچ اڪيڊميءَ حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪيائين. سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ سندس وڏو مقام آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جا ۴۵ سال سنڌي صحافت کي ڏنا. هن خاص طور تي سنڌي جاسوسي ادب ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي. هن ورهاڱي کان اڳ جاسوسي ناول ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيا هئا ۽ ورهاڱي کان پوءِ هي واحد ليکڪ هو، جنهن جاسوسي ادب جي صنف کي جيئرو رکيو. ڪيترائي طبعزاد ۽ ترجما، جاسوسي قصا، ڪهاڻيون ۽ ناول ترجمو ڪري سنڌي ادب کي شاهوڪار ڪيو. پهريان محمد





بخش جو تخلص ’سڪايل‘ هو. پر آزاديءَ کان پوءِ هن ’جوهر‘ تخلص اختيار ڪيو. سندس باري ۾ قاضي خادم لکيو آهي ته ”گذريل صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ پوڪرداس جو نالو ئي ڪتاب جي ڪاميابيءَ جي ضمانت هئو، جنهن جا ناول پوءِ جاسوسي ناولن جي هڪ متوالي، صحافي ۽ ليکڪ محمد بخش جوهر، نئين سر ڪجهه تبديلين سان ڇپرايا ۽ آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس بڪ سيلرز، حيدرآباد کان ڇپرايا. هن کي اهي جاسوسي ڪردار برزبان ياد ٿي ويا هئا. ڇو جو هُو سندس زندگيءَ جي پوين ڏينهنِ ۾ مون سان گڏ اخبار ’هلال پاڪستان‘ ۾ به ڪم ڪري چڪو هو ته ان کان اڳ ’خادم وطن‘ ۾ ڪم ڪرڻ دوران به هن سان چڱو ساٿ رهيو هو. هن سان گڏ ئي مون ۽ ٻين ڪن اديبن ڪراچي ٽي ويءَ تان سنڌيءَ ۾ جاسوسي ادب جي عنوان سان هڪ پروگرام به ڪيو هو.“(۵)

آزاديءَ کان اڳ هن جا ناول نه صرف حيدرآباد مان شايع ٿيندا هئا، پر شڪارپور، سکر ۽ ڪراچيءَ مان به شايع ٿيندا هئا. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي جاسوسي ناول کي ترجيح ڏيڻ جي سلسلي ۾ هڪ ئي ادارو ’آر. ايچ. احمد برادرس‘ اهم هو. ورهاڱي کان پوءِ هندو ڪتب فروش ۽ ناشرن جي لڏي وڃڻ جي ڪري جيڪو خال پيدا ٿيو هو، ان کي پرڻ ۾ آر. ايچ. احمد برادرس وارن جو وڏو هٿ هو. هنن علمي، ادبي، درسي بيشمار ڪتاب شايع ڪيا. ۱۹۵۰ع کان ۱۹۶۰ع واري زماني ۾ محمد بخش جوهر ۽ ٻين جا جيڪي به جاسوسي ناول شايع ٿيا، انهن ۾ گهڻي ۾ گهڻا آر.ايچ. احمد برادرس وارن جا شايع ٿيل هئا. هن اداري محمد بخش جوهر، نذير حسين پٽي، الهداد قريشي ۽ ٻين جا ڪيترائي جاسوسي ناول ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ڪيا. ۱۹۶۰ع واري ڏهاڪي ۾ محمد يوسف ائنڊ برادس، حيدرآباد ۾ علمي ۽ ادبي ڪتابن جي اشاعت ۾ وڏو نالو ڪمايو. هي ادارو آر. ايچ. احمد برادرس وارن جي ٽڪر ۾ هوندو هو. هن اداري طرفان علمي ۽ ادبي بيشمار ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ جاسوسي ادب به شامل هو. هن اداري پڻ محمد بخش جوهر ۽ ڪن ٻين جا ڪجهه جاسوسي ناول شايع ڪيا ۽ هڪ قسم جي ڪميءَ کي گهٽائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

**آزاديءَ کان پوءِ محمد بخش جوهر جون جاسوسي ادب لاءِ ذاتي ڪوشش**ون:

۱۹۵۰ع واري شروعاتي ڏهاڪي ۾ ’هلال پاڪستان‘ ماهوار رسالو باتصوير شايع ٿيڻ لڳو، جنهن جو چيف ايڊيٽر منشي عبدالشڪور ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر محمد

بخش جوهر هو. هن رسالي ۾ ٻئي ادبي مواد سان گڏ جاسوسي ناول ۽ ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون. ١٩٥٥ع ۾ محمد بخش جوهر، جاسوسي ادب کي فروغ ڏيڻ لاءِ رسالا روڊ، حيدرآباد تي 'باغبان پبليڪيشن' نالي هڪ ادارو قائم ڪيو. هن اداري جو پهريون ڪتاب 'دغا بازي' ١٩٥٦ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جي منڍ ۾ جوهر صاحب لکيو آهي ته، "سنڌ ۾ ناولن، ڊرامن ۽ ڪهاڻين پڙهڻ جو شوق ڪافي آهي. مگر سنڌي ادب ۾ هن خزاني جي ڪوٺ هر وقت محسوس ڪئي وئي آهي ۽ جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اديبن ۽ شاعرن جو تعداد گهڻو آهي، پر ناول، ڊراما، قصا ۽ ڪهاڻيون لکندڙ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ آهن ۽ جيڪي آهن تن اهڙيون شيون پيش ٿي ڪو نه ڪيون آهن، جيڪي ماڻهن جي پياس لاهين يا عوام جي تقاضا پوري ڪري سگهن يا انهن جي ذريعي ضرورت آهر اصلاح ٿي وڃي. چناچه هن نيڪ مقصد سان باغبان پبليڪيشن جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جي طرف ڪان سلسله جاسوسي به جاري ڪيو ويو آهي. هي سلسلو سنڌ ۾ جاسوسي ناولن جي پڙهندڙن جي مطابق آهي ۽ سندن دلچسپي خاطر نوان ۽ ناياب ٿيل ناول ڇپائي شايع ڪندو."(٦) هن اداري محمد بخش جوهر جا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا، جن ۾ 'دغابازي'، 'خوفناڪ هٿ'، 'اڏامندڙ ٿالهيون'، 'عجيب نڳ'، 'ٽارزن ۽ شيدي'، 'خوفناڪ خوني' ، 'خوفناڪ هٿ'، 'خوفناڪ اسرار'، 'مڙدن جي راڻي'، 'ماڪوڙين جي فوج'، 'باهه جي راڻي' ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

اڳتي هلي سنڌي ادبي ڊائجيسٽ ماهوار باتصوير ڊائجيسٽ 'ڪائنات پبليڪيشن' حيدرآباد جي سهاري هيٺ ٦٧- ١٩٦٦ع ڪان نڪتو، جنهن جو سرپرست ۽ ايڊيٽر محمد بخش جوهر هوندو هو، هي ڊائجيسٽ سنڌ جي تاريخ جو هڪ منفرد ڊائجيسٽ آهي، جنهن ۾ مواد جنسي ادب، سائنس فڪشن، جاسوسي ادب، ڪرائيم فڪشن تي مبني هوندو هو، جنهن محمد بخش جوهر ۽ ٻين جا سلسلي وار ناول ۽ جاسوسي ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون، پر گهڻي ۾ گهڻو مواد محمد بخش جوهر جو پنهنجو هوندو هو. ڪافي ناول ۽ ڪهاڻيون اهڙيون به شامل هونديون هيون، جن ۾ ليکڪ يا مترجم جو نالو ڏنل نه هوندو هو. هي ڊائجيسٽ معياري بنيادن تي مڪمل طور تي جاسوسي ادب جون سڀئي گهرجون ۽ معيار پوريون ڪندڙ هو.

١٩٩٠ع واري ڏهاڪي ۾ محمد بخش جوهر، حيدرآباد ۾ ڪائنات پبليڪيشن





قائم ڪئي. هن اداري جي معرفت، جوهر صاحب پنهنجي پراڻن ڪتابن کي خاص طور تي مختلف جاين تي شايع ٿيل جاسوسي، سائنسي ۽ ٻين ڪهاڻين کي گڏ ڪري شايع ڪيو ۽ ٻيو به ڪيترو ئي مواد ڪتابي صورت ۾ آندو.

## محمد بخش جوهر جا جاسوسي ناول:

سندس ناولن، ڪهاڻين ۽ ٻين ڪتابن جو تعداد هڪ سوء ويهه ڪان به مٿي آهي. سندس ادبي ڪٿ ڪاٿ ايترو ته وڏو آهي، جو ان تي پي. ايچ. ڊي ٿيڻ گهرجي. پر افسوس سنڌي ٻوليءَ کي جاسوسي، سائنسي ۽ فئنٽيسي ادب ڏيندڙ هڪ اديب کي وساريو ويو آهي. هو به ٻين جاسوسي اديبن وانگر اصل ليکڪن ۽ ڪتابن جا نالا ڪو نه لکندو هو. سندس خوبي اها هوندي هئي ته ڊرامن وانگر پنهنجي ناول ۾ آيل سڀني ڪردارن جا نالا سمجهاڻيءَ طور ڏيندو هو، پر مهاڳ يا تعارف طور ناول جي سمجهاڻي ڪو نه ڏيندو هو ۽ اهو پڙهندڙ تي ڇڏيندو هو ته ناول جي ڪهاڻي توڙي ڪردارن بابت پاڻ رايو جوڙين. سندس ناول تمام گهڻا مقبول ۽ معروف هوندا هئا. سندس ڪجهه ناولن جو احوال ڏجي ٿو.

## پاپي راسپورتن:

سندس ناول 'پاپي راسپورتن' شڪارپور مان خوبچند سيا ڳچنداڻيءَ ٻن ڀاڱن ۾ شايع ڪيو هو. هي ڪنهن انگريزي ناول تان ترجمو هو، جنهن ۾ اصل ناول نگار جو نالو ڄاڻايل ڪونه آهي، پر ڪردار ۽ ماحول سڀئي مغربي آهن. هي ناول مختلف 'ڇڪرن' ۾ ورهايل آهي ۽ ناول جو بنياد عشقيه داستان آهي. هن ناول ۾ اسپورتن کي پاپي عاشق ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو اينا جي محبت ۾ وحشي ٿي پوي ٿو ۽ محبوبه جي حاصل ڪرڻ لاءِ جنن ۽ ڀوتن جي مدد به وٺي ٿو. اينا پال اسٽيپانوف سان محبت ڪندي آهي. سڄو ناول خوف ۽ وهشت سان ڀريل آهي. پال اسٽيپانوف، راسپورتن ڪان سندس گناهن جو حساب وٺندو آهي. هتي ناول جي خوفزده ڪهاڻيءَ جو نمونو ڏجي ٿو:

"جيئن ئي لاش اڇلائڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون ته تيئن مئل راسپورتن هٿ وڌائي پال جي ڪرائي پڪڙي ورتي. ڪوچپلن ڊپ ۾ دانهن ڪئي. ليڪن .... پال ٻانهه ڇڏائيندي چيو 'ڇا تون مرڻ بعد به مون ڪان انتقام وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين؟' ان بعد ٽنهي راسپورتن جو لاشو درياهه ۾ اڇلائي ڇڏيو.

پال ڇٽڻ ڏينهن بعد اينا جي مڪان ۾ ويو. مڪان بلڪل خالي هو. پر هن جي دل گھبراهٽ محسوس ٿي. هن جاچ ڪئي. هن هڪ لاش لڌو جو زمين تي پيو هو. لاش هن جي معشوقہ اينا جو هو. زمين تي چاڪ سان ڪي لفظ لکيل هئا، ”مان اميدوار آهيان. مقدس فادر گمر ٿي ويو آهي. مان هن جي جدائي برداشت نہ ٿي ڪري سگھان.“(٧)

**هيبتناڪ چمڪاٽ عرف موتمار چڪر**

محمد بخش ’سڪايل‘ جو هي ناول جولاءِ ١٩٣٨ع ۾ خوبچند ٽي. سياڳچنداڻي بڪ سيلر، شڪارپور واري شايع ڪيو. هن ناول جي ڪردارن ۾ ڀيانڪ چمڪاٽ جو ايجاد ڪندڙ - ڊاڪٽر رائمر ڪيو، چيني ڊاڪٽر ۽ ساٿي- ويوفانگ، سون جي پيتين جو جوابدر- مسٽر بلئڪ جاسوس، هئڊ اسٽاف- نيويارڪ جو هڪ جاسوس چيف ڪمشنر، بدمعاش لاءِ پيٽ جو درد – مسز بلئڪ (اميليا)، ٺگنشن تي پاڙيندڙ – سمٿ، وچٽ خيالن وارو – شرلاڪ هومز جاسوس، وچتر شعلي جو چور- فرانس جو ڌاڪو ’لوپن‘، نئون شرلاڪ جو شاگرد- (چينو) بنڪ اپ، انهن کان سواءِ بليڊي، والڊ، پوليس، ملٽري وغيره وغيره.

هي ناول جاسوسي کان علاوه سائنس فڪشن جي بہ پورائي ڪري ٿو، چو تہ ان ۾ سائنسي ايجادن ۽ انهن جي گناهن ۽ ڀين ڪرائيم جي دنيا ۾ عام استعمال ڏيکاريو ويو آهي. هن ناول جي شروعات ڀيانڪ چمڪاٽ جي اوزار جي ايجاد سان ٿئي ٿي:

”ها.... ها..... ها....ها... آخر ڪوجنا ۾ فتح پائي چڪس! واھ ڙي وگياني تنهنجي ڳوپري! بيشڪ تون عقل واري ماءُ جو ٻچو آهين!!

مٿان الفاظ شيطان جو ڏاڏو وگيان جو شاھ ڊاڪٽر رائمر ڪيو پنهنجي موٽڻ چپن واري وات ۽ گھٽيل نڙيءَ مان ڪڇي رهيو هو.

هن پوءِ ڏاڍي خوشيءَ ۾ ڦوندجي چپٽيون وجائي اهڙي نموني ڊانس ڪرڻ شروع ڪئي جو سندس ڍري سوٽ جو پويون حصو لوهار جي ڌمڻ وانگر بڪلڪ مزي سان جهول جهولا ڪرڻ لڳو، سوٽ ۾ پرجندڙ هوا پڻ هيٺ مٿي ٿيڻ ۾ ڪيس پئي مدد ڪئي.“(٨)





**شيطان جو پاڇو:**

محمد بخش ’سڪايل‘ جو ناول ’شيطان جو پاڇو عرف دوزخي حور‘ خوبچند ٽي. سياڳچنداڻي بڪ سيلر، شڪارپور واري ١٩٣٧ع ۾ شايع ڪيو. هي ناول شرلاڪ هومز سيريز مان آهي ۽ انتهائي شاندار نموني پيش ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ هيبتناڪ سازشون، راز ۽ لڙايون، دوستيءَ ۾ عياريءَ جا قصا ڏنل آهن. هن هڪ عورت جي عشق جي چڪر ۾ مسٽر مارٽمين جو دوست مسٽر جوزف ڪلائين تي خون ڪري وجهي ٿو ۽ الزام مسٽر مارٽمين تي لڳي ٿو. هن کي محسوس ٿئي ٿو تہ هڪ شيطاني پاڇو هر وقت هن جو پيڇو ڪري ٿو ۽ هو ان پاڇي کان هر وقت خوفزده رهي ٿو. ان حوالي سان هن ناول جي ڪهاڻي ۾ ٿرلر بہ آهي. مسٽر مارٽمين، پنهنجي سچائي ۽ بيگناهيءَ ثابت ڪرڻ لاءِ مسٽر شرلاڪ هومز جي مدد حاصل ڪري ٿو. ناول جي ٻولي ۽ انداز بيان شاندار آهي.

**موت مار ترورو عرف خوني درياھ:**

محمد بخش ’سڪايل‘ جو هي ناول آگسٽ ١٩٣٨ع ۾ خوبچند ٽي. سياڳچنداڻي بڪ سيلر، شڪارپور واري شايع ڪيو. هن ناول جي خاص ڳالھ اها آهي تہ ان ۾ دنيا جي سيني جاسوسي ناولن جا ڪردار هڪ هنڌ ڏنل آهن. هي ناول بہ سائنس فڪشن جي زمري ۾ اچي ٿو، چو تہ ان ۾ هڪ موتمار ترورو ايجاد ڪيو وڃي ٿو، جيڪو چئن حصن ورهائجي وڃي ٿو ۽ اهي چار ڀاڱا دنيا جي چئن حصن ۾ وڃي جدا جدا نموني طوفان مچائين ٿا.

**نقاب پوش عرف خوني ڌاڪو:**

محمد بخش ’سڪايل‘ جو هي ناول هوندراج پهلاجراءِ اينڊ سنس پاران ١٩٤٠ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول بلئڪ جاسوس سيريز مان هڪ آهي. هي ناول حيرت انگيز ۽ خوفناڪ واقعن سان ڀريل آهي، جنهن لٽ مار ۽ خون خرابا ۽ پوليس جي جاچ پڙتال اچي وڃن ٿا. هن ناول ۾ ڊاڪٽر هارڊويل جي موجودگيءَ ۾ سيلويا جو قتل هڪ نقاب پوش ڌاڪو ڪري وڃي ٿو، جنهن جو نالو بٽلر هو. پر قتل جو الزام ڊاڪٽر هارڊويل تي اچي وڃي ٿو. هي ناول شرلاڪ هومز سيريز مان هڪ آهي. اصل قاتل کي گرفتار ڪن ٿا ۽ نقاب پوش ڌاڪو جي اصليت کي ظاهر ڪن ٿا. پڪي بدمعاش جو شرلاڪ هومز

جاسوس سان سندس سخت مقابلو ڏيکاريل آهي.

**پڪو بدمعاش:**

محمد بخش 'سڪايل' جو هي ناول هريسنگ سنس پاران ١٩٣٨ع ۾ شايع ٿيو. ٻيو دفعو هي ناول ١٩٥٠ع ۾ شايع ٿيو. ٽائيٽل جي تصوير ۾ ٽوپلا پاتل انگريز چاپيل هئس. هي ناول سر آرٿر ڪينن ڊوائل جي جاسوسي ڪردار 'شرلاڪ هومز' جي ڪارنامن بابت آهي. هن ناول ۾ هڪ اهڙي بدمعاش جي ڪهاڻي ٻڌائي وئي، جيڪو معاشري ۾ ماڻهن کي مختلف نموني ستائيندو رهي ٿو. چوري، ڌاڙا، لٽ مار، بليڪ ميلنگ سندس عام شغل آهي. شهر جي وڏن ماڻهن ۾ رهي شرافت جو ڍونگ به ڪري ٿو. پر سندس آخر ۾ حشر انتهائي سبق آموز ٿئي ٿو.

انگريزن جي دور ۾ سندس ٻين جاسوسي ناولن ۾ 'سمٽ جو خون'، 'آرسين لوپن جو انتقام'، 'بليڪ جاسوس جو خون'، 'خوني چڪر'، 'خطرناڪ ڦوهارو'، 'چمڪندڙ بجلي'، 'جاسوس چوڪري'، 'جاسوسي جنگ (١٩٤٧ع) شامل آهن. آزاديءَ کان پوءِ هي واحد ليکڪ هو، جنهن جاسوسي ناول کي سنڌي ٻوليءَ ۾ جاري رکيو ۽ پنهنجو تخلص 'جوهر' اختيار ڪيائين. سال ١٩٥٣ع ڌاري ورزاني هلال پاڪستان حيدرآباد جو ايڊيٽر ٿيو. اهڙي ريت ساڻيهه ڊائجسٽ جي نالي سان رسالو به ڪڍيائين. هلال پاڪستان ڇڏڻ کان پوءِ روزاني عبرت طرفان شايع ٿيندڙ سنڌ نيوز ۾ ڪم ڪيائين ۽ آخري وقت ۾ شيخ علي محمد جي روزانه آفتاب ۾ صحافتي فرائض سرانجام ڏنائين. لکڻ سندس زندگي جو مشغلو هو. هن جا ڪيترائي جاسوسي ناول آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس بڪ سيلر ۽ يوسف برادرس بڪ سيلر ۽ ٻين ادارن طرفان شايع ٿيا.

**شرلاڪ هومز کي ڦاسي:**

محمد بخش جوهر جو ٻيو مشهور ناول 'شرلاڪ هومز کي ڦاسي' ١٩٣٨ع ۾ خوبچند ٽي. سياڳچنداڻي بڪ سيلر، شڪارپور واري شايع ڪيو ۽ ٻيو دفعو ١٩٥٢ع ۾ محمد يوسف برادرس پاران شايع ٿيو، هن ناول جو پورو سرو 'شرلاڪ هومز کي ڦاسي عرف رنگيلو بدمعاش' آهي. هي ناول 'موت مار ترورو عرف خوني درياهه' جي تسلسل ۾ لکيل آهي. هي ناول لنڊن شهر جي پسمنظر ۾ لکيل آهي ۽ ڪنهن انگريزي





ناول تان ترجمو ٿيل آهي. هن ناول ۾ تمام گهٽا ڪردار آهن، جن ۾ لينن گائن (گاسليٽ جو ٺيڪيدار)، شهزادو مور (هڪ رياست جو حاڪم)، وليم ڊي نڪ (شهزادي مور جو سيڪريٽري)، شرلاڪ هومز (مشهور جاسوس) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. هن ناول ۾ لينن گائن کي بدمعاش طور ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو عوام دشمني جي ڪري بدنام ٿي چڪو آهي. ناول مختلف بابن ۾ ورهايل آهي، پر محمد جوهر باب جي جاءِ تي لفظ 'چڪر' استعمال ڪيو آهي، مثال طور 'چڪر پهريون، حادثي ۾ خون' وغيره. هن ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن شرلاڪ کي گرفتار ڪري اليڪٽرڪ مشين رستي ڪيس ڦاسي ڏني وڃي ٿي. هن ناول جي شروعات هن ريت ٿئي ٿي:

"'گڊ مارننگ'

'گڊ مارننگ جناب'

بناڪو مٺيان سلام آدمين جي وچ ۾ ٿيا، جن مان هڪ ته لنڊن جي مشهور و معروف 'نيو لائيٽ آف لنڊن' جو مئنيجر هو ۽ ٻيو هڪ ڀهروپي ملاقاتي هو، جنهن کي خوبصورت فرانس پوشاڪ پيل هئي. مئنيجر هن کي سلام جو جواب ڏيندي هڪ ڪرسيءَ جي طرف اشارو ڪري چيو 'اچو ويهو' ڀهروپي ملاقاتي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو تنهن بعد مئنيجر دريافت ڪئي 'جناب جي تعريف، تشريف آوريءَ جو سبب؟'

ملاقاتي: منهنجو اسم لينن گائيڊ آهي ۽ فرانس جي دارالحڪومت پئرس جو رهندڙ آهيان ۽ هن وقت هتي شهزادي مور سان ملاقات ڪرڻ واسطي آيو آهيان.

مئنيجر: ته توهان کي خوش ٿيڻ گهرجي جو شهزادو سائين به هن هوٽل ۾ مقيم آهي، چا هن جي خدمت ۾ اوهان جو اطلاع پهچايان يا اول اوهانجي رهڻ جو ڪوئي انتظام ڪيو وڃي؟

ملاقاتي: ٻئي ڪم ضروري آهن ان ڪري مان نه ٿو چئي سگهان ته اوهين ڪهڙو ڪم پهرين سرانجام ڏيو بلڪ اوهان جي مرضي تي ئي ڇڏيان ٿو."[٩]

**شرلاڪ هومز جاسوس:**

هي ناول آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس پاران ١٩٥٩-١٩٦٠ع ۾ شايع ٿيو. شرلاڪ هومز جاسوسي دنيا جو هيرو آهي. سندس تفتيش جي نوعيت ٻين جاسوسن کان منفرد ۽ نرالي هوندي آهي. هو بلڪل خاموش ويهي سوچي ويچاري مسئلي کي سلجهائڻ

جي ڪوشش ڪندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو ڪڏهن به شڪست ناهي کاڌي. هي ناول شرلاڪ هومز جي ڪارنامن مان هڪ آهي، جنهن ۾ سندس مقابلو هڪ اهڙي رهزن سان ٿئي ٿو جو ظاهري بلڪل شريف آهي پر اندر ۾ ابليس ۽ ابليسي ڪارنامن سان ڀريل آهي. هو پنهنجي تخريبي ڪمن سان خدا جي خلق کي پريشان ڪندو رهي ٿو. نيٺ سندس خاتمو شرلاڪ هومز جي هٿان ئي اچي ٿو. محمد بخش جوهر، هن ناول ۾ آسان ٻولي ۽ عام فهم رکي آڪي آهي. هن ناول ۾ شرلاڪ هومز جا ڪيترائي خط ۽ سندس ذاتي حياتيءَ جا عڪس به ڏنا ويا آهن.

**خوفناڪ قاتل:**

محمد بخش جوهر جو ناول 'خوفناڪ قاتل'، آر. ايچ. احمد برادرس پاران ۱۹۵۳ع ۾ شايع ٿيو. هي جاسوسي ناول سندس طبعزاد آهي، جنهن ۾ ڳوناڻو ماحول ڏيکاريل آهي. ناول جي آڪاٽيءَ جميله جي پياءُ سرفراز جي گم ٿيڻ سان شروع ٿئي ٿي جنهن وقت جميله پنهنجي پياءُ جي دير سان اچڻ جي ڪري پريشان هئي ان وقت هڪ مست فقير پاٽي پيئڻ جي بهاني جميله سان زبردستي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اتي شهريار اچي وڃي ٿو، جيڪو جميله کي بچائي ٿو. مست فقير شهريار کان بدلو وٺڻ جو واعدو ڪري هليو وڃي ٿو. اڳتي هلي سرفراز جي قتل جو الزام شهريار تي اچي وڃي ٿو ۽ جمليه رلي وڃي ٿي. سمورو ناول تجسس سان ڀرپور آهي. اهو مست فقير دراصل شاهنواز هوندو آهي، جيڪو ويس بدلي لٽ مار ۽ قتل ڪندو آهي. سندس خوفناڪ انجام پوليس ڳولهي ڪيندي آهي ۽ شهريار بيقصور قرار ڏنو ويندو آهي. ناول جي ٻولي به وٽندڙ ۽ عام فهم آهي. مجموعي طور تي هي ناول هڪ وطن دوست جي بي مثال بهادري جو داستان آهي، جنهن ظالم کي نيٺ شڪست ڏني.

**شرلاڪ هومز جا ڪارناما:**

محمد بخش جوهر جو هي ناول آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس پاران ۱۹۶۰ع ۾ شايع ٿيو. شرلاڪ هومز هڪ پروفيشنل جاسوس هو. هو پنهنجي ڪاميابيءَ لاءِ جان جي بازي به لڳائيندو هو. هن ناول ۾ يادگيرين طور تي شرلاڪ هومز جي مختلف ڪارنامن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه، هن پنهجي مختلف مهمن دوران





جيڪي سفر ڪيا، انهن جو احوال به ڏنل اهي. هيءَ سيريز هڪ تسلسل ۾ لکيل آهي، جنهن جا واقعا ۽ ڪرادار هڪ ٻئي سان هم آهنگ آهن، پر ناول جي بنيادي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙو رهزن ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو ظاهري بلڪل شريف آهي پر اندر ۾ وڏو بدمعاش آهي ۽ پنهنجي تخريبي ڪمن سان خدا جي خلق کي پريشان ڪندو رهي ٿو. نيٺ سندس خاتمو شرلاڪ هومز جي هٿان ئي اچي ٿو. ناول ۾ سندس سچاٽپ هن ريت آئي آهي:

"پلا اهو ٻڌاءِ ته ان پر اسرار انسان لاءِ تو کي ٻي ڪهڙي خبر آهي؟ ڇا تنهنجي سالي تو کي اهو ٻڌايو آهي ته هو ڪهڙي هنڌ تو لڪي ۽ ڇا ڪري رهيو آهي؟

باري مور: منهنجي سالي رڳو ٻه پيرا ڪيس ڏنو آهي. ڪٿي تو رهي، ڇا تو ڪري سا خبر ڪا نه اٿس؟ اول ته ڊپ ٿيس ڪو لڪل پوليس جو آدمي آهي پر پوءِ خاطري ٿيس ته هو پاڻ لڪندو تو وتي. البته سلڊن خاطري ڏني آهي ته شريف آهي جا حالت شڪل شبيهه ڏسڻ سان خاطري ٿئي ٿي ۽ سلڊن کي پڪ آهي ته هو پهاڙين جي غارن ۾ رهي تو جتي اڳي جا رهاڪو رهندا هئا."(۱۰)

**خوفناڪ ڪتو:**

محمد بخش جوهر جو هي ناول آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس پاران -۱۹۶۰ع ۾ شايع ٿيو. هي آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس پاران شرلاڪ هومز سيريز جو ٽيون ناول آهي، ان کان محمد بخش جوهر جا 'شرلاڪ هومز جاسوس' ۽ 'شرلاڪ هومز جاسوس جا ڪارناما' شايع ٿيا هئا. ياد رهي ته ساڳي ناول کي ماستر هاسومل ناٿاڻي پڻ ترجمو ڪيو هو ۽ ۱۹۳۷ع ۾ هري سنگ سکر واري شايع ڪيو هو. هن ناول جي اصل ليکڪ James Mortimer, M.R.C.S جو نالو به ڄاڻايو هو ته اصل ناول Hound of the Baskervilles جو نالو به ٻڌايو آهي. هن ناول جي ڪهاڻي سر چارلس بسيڪ وِل جي پراثرات موت جي ڪهاڻيءَ تي مبني آهي، جنهن لاءِ چيو ويو ته هو دل جي دوري سبب گذاري ويو آهي، پر جيمس مورٽيمر مطابق جيئن ته سندس مئل ماڻهوءَ جي چهري تي خوف جا آثار نمايان هئا، جنهن مان اهو لڳي ٿو ته ڪيس اذيتون ڏئي قتل ڪيو ويو آهي. چارلس بسيڪ وِل لندن جو انتهائي مشهور شخصيت هو. جيمس مورٽيمر سندس موت جي سبب کي ڄاڃڻ لاءِ شرلاڪو هومس جون خدمتون حاصل ڪري ٿو ۽ ڪيس

لنڊن گهرائي ٿو. سمورو ناول سنسني انداز ۾ پيش ٿيل آهي.

**دغابازي:**

محمد بخش جوهر جو هي ناول سنڌس ئي اداري باغبان پبليڪيشن، حيدرآباد پاران ١٩٥٥ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول فرانس جي مشهور ناول نويس مارس ليبارڪ جي ناول جو ترجمو آهي. هن ناول ۾ آرسين لوپن جي وڏي عرصي کان پوءِ ظاهر ٿيڻ جي ڪري پوليس ۽ عوام ۾ سنسني پکڙجي وڃي ٿي. آرسين لوپن جي منظر عام تي اچڻ تي جاسوسي دنيا جي پوليس انسپيڪٽر وڪٽر فيصلو ڪيو ته هو سنڌس مقابلو ڪندو. انسپيڪٽر وڪٽر جا ڪيترائي ڪارناما هئا، پر هو نوڪريءَ ۾ ترقي ڪري نه سگهيو هو، ان ڪري هن فيصلو ڪيو ته ڪو وڏو ڪارنامو سرانجام ڏئي، هو ترقي ماڻيندو. هن پنهنجي دوست گائٽر جي معرفت پوليس ڪمشنر کي سفارش ڪرائي ته آرسين لوپن جو ڪيس هن جي حوالي ڪيو وڃي، جيڪو سرڪار هن جي حوالي ڪري ڇڏيو. ناول ۾ ڪيترائي موڙ اچن ٿا ۽ هو ارسين لوپن جي ڪيترن ئي ڏوهن کي ناڪام بڻائي ٿو. هو آرسين لوپن کي گرفتار ڪرڻ وارو هو هو ته سنڌس دوست هن سان دغابازي ڪري ٿو ۽ ڪيس ناڪام بڻائي ٿو.

**شيطان جي ناني:**

محمد بخش جوهر جو ناول 'شيطان جي ناني '، آر. ايچ. احمد برادرس پاران ١٩٥١ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ يورپ جي ڌاڪن ۽ جاسوسن جي درميان زبردست جنگ جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ دلير عورت جا شيطاني ڪارناما ڏيکاريل آهن.

**عجيب چوري:**

محمد بخش جوهر جو هي ناول آر.ايچ. احمد اينڊ برادرس پاران ١٩٥٣ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول آرسين لوپن سيريز مان آهي. ياد رهي ته هن ناول جو ترجمو ماستر هاسومل به ڪيو هو. اصل ناول فرانس جي نامور ناول نويس مارس ليبانڪ جو لکيل آهي، جنهن جو سنڌي مترجمن به ترجمو ڪيو آهي. آرسين لوپن جي ڪارنامن تي ڪيترائي جاسوسي ناول لکيل آهن، پر هن ناول ۾ به آرسين لوپن جي حيرت انگيز ڪارنامن جو ذڪر آهي، پر فرق صرف ايترو آهي ته هن ناول ۾ آرسين لوپن پنهنجا





ڪارناما پاڻ بيان ڪيا آهن. هن ناول ۾ هڪ اهڙي چوريءَ جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن کي جاسوسي پوليس سميت ڪو به توڙ تائين پهچي نه سگهيو.

**ڪاري هيري جي چوري:**

محمد بخش جوهر جو هي ناول آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس پاران ١٩٦٥ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول آرسين لوپن سيريز مان آهي. لنڊن جي اسڪاٽليند يارڊس ۾ جاسوس پوليس جو ڌيان فلپ نالي هڪ ڪروڙپتيءَ جي خون طرف ويو، جنهن جي سڄي حياتيءَ جي پونجي هڪ 'ڪارو هيرو' به چوري ٿي ويو. اهو هيرو ڪنهن چورايو، ان بابت پوليس کي ڪنهن نامعلوم شخص اطلاع ڏنو ته اهو چور فرانس جي مشهور ڌاڪو آرسين لوپن جو پٽ روڊلف آهي، جو فلپ جي ڌيءَ مس ڪارلو جو دوست هو. اهو به ٻڌايو ويو ته هن مس ڪارلو سان دوستي صرف هيري جي چوريءَ جي ڪري رکي هئي. پوليس ڪيس گرفتار ڪري ورتو، پر هن وٽان هيرو برآمد ٿي نه سگهيو. ڪيس موت جي سزا ٻڌائي وئي. آرسين لوپن پٽ کي بچائڻ لاءِ ميدان ۾ اچي ويو. هن سمجهي ورتو ته مسٽر فلپ کي سنڌس دوست ڪئپٽن قتل ڪيو آهي. قاتل سان هن دوستي رکي ڪيس جاچيندو رهيو ۽ سيني ثبوتن سان ڪيس گرفتار ڪرائي پٽ کي ڦاسي جي ڦندي تان ڇڏائي آيو. آخر ۾ فلپ جي ڌيءَ مس ڪارلو ۽ آرسين لوپن جي پٽ روڊلف جي فرانس ۾ شادي ٿي.

**لعل چڪرو:**

محمد بخش جوهر جو هي ناوليٽ محمد يوسف اينڊ برادرس پبلشرز، حيدرآباد پاران ١٩٦٦ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول شرلاڪ هومز سيريز مان آهي ۽ سائنس فڪشن جي ذمري ۾ اچي ٿو. چو ته هن ناول ۾ شرلاڪ هومز جاسوس ڪان وڌيڪ هڪ سائنسدان ڏيکاريو ويو آهي. ناول ۾ هڪ زال مڙس جي ڪهاڻي آهي، زال جو چوڻ آهي ته مڙس ڪجهه عرصي کان پاڻ کي ڪمري بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪنهن سان به نه ٿو ملي ۽ مشڪوڪ ٿي پيو آهي. شرلاڪ پنهنجي ذهانت ۽ چالاڪي سان ان پوڙهي جي خوف تائين پهچي ٿو ۽ ڪيس خبر پوي ٿي ته سندن مالڪ مڪان ان پوڙهي کي بليڪ ڪري ٿو ۽ سندن ڌيءُ کي اغوا ۽ مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي ٿو. شرلاڪ هومز ان ڏوهاري

ڪي انتهائي چالاڪيءَ سان ثبوتن سميت گرفتار ڪري ٿو. سموري ناول تجسس ۽ سنسني سان ڀرپور آهي ۽ آخر تائين اندازو نه ٿو ٿئي ته آخر ۾ ڇا ٿيندو.

**خوني خزانو:**

محمد بخش جوهر جو هي ناول محمد يوسف اينڊ برادرس پبلشرز، حيدرآباد پاران ۱۹۶۴ع ۾ شايع ٿيو. جوهر صاحب، اصل ليکڪ ۽ ناول جو نالو نه ڄاڻايو آهي. هن ناول ۾ چئن جاسوسن (بلئڪ، گرانٽي، جوني ۽ سمٿ) جي ڪهاڻي آهي، جيڪي الڳ الڳ پنهنجي سر پولٽاوا جي قديم محل ۾ هڪ خزاني جي تلاش ۾ نڪرن ٿا ۽ هڪٻئي کي شڪست ۽ ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا. ان خزاني پويان ٻيا به ڪيترائي ماڻهو پنهنجي حياتي وڃائي چڪا هئا، دوست، دوستيون وڃائي چڪا هئا،پر انهن تائين ڪو به پهچي نه سگهيو هو. آخر ۾ هي چارئي جاسوس گڏجي ڪم ڪرڻ تي راضي ٿي همت ٻڌي نڪري پون ٿا. آخر جي سين لاءِ لکي ٿو ته، ”پوءِ چارئي جاسوس ان هنڌ پهتا جنهن زمين کي مارڪوف کوٽيو . ڏنائون ته هيٺ سوراخ هو. وڏيڪ کوٽڻ تي هنن کي پٿر هٿائڻو پيو، جنهن بعد هڪ وڏي دري کلي پئي ۽ هيٺ ڏاڪڻ ڏسڻ ۾ آئي.خزاني تائين پهچڻ لاءِ هيٺئر رستو صاف هو.

بلئڪ مچيل گولڻ جو انتقام به وٺي چڪو هو.

باقي هئي هڪ دشمن عورت رهيل اها هئي مئڊم شئملوا.

انهيءَ رات جو هڪ ڪروڙ سونا سڪا هڪ گهوڙي گاڏيءَ ۾ ان ڳوٺ جي اسٽيشن تائين پهچي رهيا هئا ۽ انهيءَ خزاني جي نظرداري اهي چارئي جاسوس ڪري رهيا هئا جن کي انگليند ۽ فرانس گورنمينٽ جي پشت هئي ۽ مئڊم شئملوا کي پوءِ خبر پئي جڏهن هوائي جهاز انگليند ۾ پهچي ويو هو. ان ۾ شڪ ڪو نه هو ته مئڊم شئملوا پنهنجي شوهر جو انتقام وٺڻ لاءِ مجبور نه ٿي هجي.“(۱۱)

محمد بخش جوهر جا ٻيا به ڪيترائي جاسوسي ناول آهن، جن ۾ ’راز پنهان راز‘، ’ خوني پڇرو (۱۹۵۹ع)، ’آرسين لوپن ڌاڪو‘ ،’چمڪندڙ بجلي‘، ’انتقام‘ ، ’غيبي انسان‘ ۽ ٻيا شامل آهن. ان ڪان علاوه، محمد بخش جوهر ناولن سان گڏ جاسوسي، سائنسي ۽ فئنٽيسي ناوليٽ ۽ ڪهاڻيون تمام گهٽيون لکيون ۽ ترجما ڪيا ۽ انهن جا ڪتاب به شايع ٿيا.





**محمد بخش جوهر جا سائنس ۽ فوجداري فڪشن تي ناول ۽ ڪهاڻيون:**

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ سائنسي ۽ جاسوسي ادب جو هڪ ٿئي وڏو نالو محمد بخش جوهر آهي. هن سائنس فڪشن تي ڪيترائي ناول ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن. هن نه صرف پاڻ جاسوسي ۽ سائنس فڪشن تي ناول لکيا ، پر ترجمو به ڪيا. جن ۾ ’اڏام کٽولو‘، ’اڏامندڙ ٿالهيون‘ ۽ ’ماڪوڙن جي فوج‘، ’مريخ جي مخلوق‘ قابل ذڪر آهن. سنڌس سائنسي ناول ’اڏامندڙ ٿالهيون‘ سنڌس ئي اداري باغبان پبليڪيشن، حيدرآباد پاران ۱۹۵۶ع ۾ شايع ٿيو. هي ناوليٽ، محمد بخش جوهر جو اصلوڪو آهي، ۽ سنڌس سائنسي سوچ جو عڪاس آهي. هن ناول ۾ ٻارن توڙي وڏن کي هڪ نئين دنيا جو سئر ڪرائي ٿو. محمد بخش جوهر بنيادي طور صحافي هو، هن دنيا ۾ بدلجندڙ لاڙا ۽ رجحان ڏسي ۽ پڙهي ورتا هئا. ان ڪري هن ٻارن لاءِ ناني ۽ بزرگن جي قصن جي جاءِ تي سائنسي ادب کي ترجيح ڏني. هي جاسوسي ۽ سائنسي ناول آهي، جنهن ۾ خلائي سٽلائيٽ جيڪي طاقتور ملڪن طرفان مختلف ملڪن جي جاسوسي لاءِ استعمال ٿين ٿا، ان کي موضوع بڻايو ويو آهي. هن ناول ۾ اسلم ۽ سنڌس جاسوس دوست بهادر خان جي ڪهاڻي آهي. اسلم رستي ويندي خلائي مخلوق ڏسي ٿو ۽ پنهنجي دوست بهادر خان کي آگاهه ڪري ٿو. هو خلائي مخلوق جون ميٽنگون ڏسن ٿا، پر بيضي جهڙن انسانن کان خوفزده رهن ٿا. هو سموري وارتا پوليس کي ٻڌائين ٿا، پر پوليس وارا اعتبار نه ٿا ڪن، ڇو جو اسان جي پوليس وٽ سائنسي سوچ ۽ جديد تعليم جي کوٽ آهي. هو لکي ٿو ته ”دنيا جي هر هڪ ملڪ ۾ ماڻهن آسمان جي بلنديءَ تي اڏامندڙ ٿالهيون ڏٺيون آهن. اڏامندڙ ٿالهيون اسان جي زماني جي ڪنهن ملڪ جي حڪومت جو خفيه هٿيار آهن يا هي عجيب هوائي جهاز آسمان جي ڪنهن ويجهي زمين (گرهه) مان اچن ٿا تنهن بابت مختلف رايا آهن. ڪن جو خيال آهي ته اهي اڏامندڙ ٿالهيون مريخ مان اچن ٿيون. هي ناول انهيءَ سلسلي جو آهي. ٿالهيون مريخ مان اچن ٿيون يا چنڊ مان . ليڪن هي واقعو اسان لاءِ حيرت ناڪ آهي ۽ جڏهن انهيءَ بيضي جهڙا انسان ويندل هجن تڏهن حيرانيءَ ۾ اضافو ٿيڻ گهرجي.“(۱۲)

محمد بخش جوهر جو ’ٽارزن‘ جو ڪردار، سنڌس ڪارناما ڪهاڻين ، ڪارٽونن ۽ فلمن وسيلي عام ٿيا. محمد بخش جوهر، سنڌي ٻوليءَ ۾ ’ٽارزن‘ (۱۹۶۰ع)، ’ٽارزن ۽ شيدي‘ (۱۹۶۲ع) ۽ ٻيا اهڙا ننڍا ناوليٽ لکي سنڌي ٻوليءَ کي شاهوڪار

بنايو. محمد بخش جوهر جي ڪهاڻين جو مجموعو 'مريخ جي مخلوق' ١٩٥٨ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ هن مختلف سائنسي ڪهاڻيون ڏنيون آهن. مثال طور 'مريخ جي مخلوق'، 'ٻہ اکيون ٻہ پيرا'، 'خبيث جو آستان'، 'جواريءَ جو روح'، 'شيشي جي ڏاڪڻ'، 'هٿ وڍي ويو'، 'منهن گم ٿي ويو' ، 'پراسرار هڏي' وغيره اهم آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪو بہ جاسوسي ناول لکيو ويو آهي يا ترجمو ٿيو آهي، ان مان گهڻو 'ٿلرلر' ۽ 'هارر' آهي. محمد بخش جوهر، هاسومل پيسومل، نذير حسين پٺي ۽ ڪن ٻين ڪيترائي خوف ۽ دهشت وارا ناول لکيا آهن. ١٩٥٦ع ۾ محمد بخش جو ڪتاب 'مڙدن جي راتڻي' شايع ٿيو، جنهن ۾ هڪ ئي ڪهاڻي ڏنل هئي، ان ڪهاڻي ۾ خوف ۽ هراس جي آڪاڻي ڏنل آهي. ١٩٥٧ع ۾ جوهر جو ڪتاب 'خوني ڪهاڻيون' شايع ٿيو، جنهن ۾ ٽي ڪهاڻيون : 'ڪوئن جو ڪاچ'، 'دهل جو آواز' ۽ 'ڪارو ڪتو' ڏنل آهن، هي سيئي ڪهاڻيون ٿرلر آهن. ١٩٥٧ع ۾ حاجي حقير ابن مگڻ جو ڪتاب 'جادوءَ جي منڊي' شايع ٿيو، ان ڪهاڻيءَ ۾ ٻارن جي دلچسپي ۽ تجسس کي آخر تائين برقرار رکيو ويو آهي.

محمد بخش 'سڪايل' جو ناول 'شيطان جو پاڇو عرف دوزخي حور' ١٩٣٧ع ۾ شايع ڪيو. هڪ عورت جي عشق جي چڪر ۾ مسٽر مارٽمين جو دوست مسٽر جوزف ڪلائين ٿي خون ڪري وجهي ٿو ۽ الزام مسٽر مارٽمين تي لڳي ٿو. هن کي محسوس ٿئي ٿو تہ هڪ شيطاني پاڇو هر وقت هن جو پيڇو ڪري ٿو ۽ هو ان پاڇي کان هر وقت خوفزده رهي ٿو. ان حوالي سان هن ناول جي ڪهاڻي ۾ ٿرلر بہ آهي. مثال طور:

"جوزف ڏڪندي بي اختيار پڪاريو .'شيطان جو پاڇو!!!' انهن لفظن قيامت برپا ڪئي. سيئي پنهنجي جڳهہ تي ڄمي ويا.

هوڏانهن شيطان جو پاڇو شيطاني طريقي سان ڪين جاچي رهيو هو. هن خوفناڪ ٺهڪ ڏنو..... ٿورو ترسي وري لنبو ٺهڪڙو مچايائين ۽ ان بعد پهرين آدمي کان آڱر جي اشاري سان پڇڻ لڳو 'تون ڪير آهين؟'."(١٣)

١٩٥٦ع ۾ محمد بخش جو هر جو لکيل 'مڙدن جي راتڻي' باغبان پبليڪيشن، حيدرآباد طرفان ٢٢ صفحن تي شايع ٿيو. ٻاراڻي ادب جي هيءَ هارر ۽ ٿرلر ڪهاڻي ٩ بابن ۾ ورهايل آهي. ساڳي سال ۽ ساڳي اداري پاران سندس جاسوسي ڪهاڻيءَ جو ڪتاب 'خزانہ' شايع ٿيو، جيڪو مسٽر جم ڪارٽن جي انگريزي ڪتاب جو ترجمو





آهي. ساڳي سال ۾ سندس 'خوفناڪ هٽ' شايع ٿيو، جيڪو خوف وارين ڪهاڻين تي مبني آهي.

١٩٥٧ع ۾ محمد بخش جو هر جو هارر ۽ ٿرلر ڪهاڻين جو مجموعو 'خوني آڪاڻيون' آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس پاران شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ 'ڪوئن جو ڪاچ'، 'دهل جو آواز' ۽ 'ڪارو ڪتو' ڪهاڻيون آهن، اهي وندر، تجسس ۽ خوف سان پرپور آهن. ساڳي سال ۽ ساڳي اداري پاران سندس ڪتاب 'هڪ غريب خدا جي درٻار ۾' شايع ٿيو، جنهن ۾ سڀ ڪهاڻيون فئنٽيسي ۽ مافوق الفطرت ڳالهيون آهن.

١٩٥٨ع ۾ محمد بخش جوهر جو لکيل ڪتاب 'اڏامر ڪٽولو' آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس پاران شايع ٿيو. هن ۾ ٢٢ صفحن تي مبني هڪ سائنسي ۽ فئنٽيسي ڪهاڻي ڏنل آهي، جيڪا موضوع جي لحاظ نهايت دلچسپ آهي. ڪتاب ۾ ٻولي عام فهم آسان ڪم آندي وئي آهي. ساڳي سال ۽ ساڳي اداري پاران سندس ڪتاب 'ٽي سونهري وار' شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ ٽي طلسمي ڪهاڻيون آهن، جيڪي ٻاراڻي ادب ۾ اهم آهن. ساڳي ئي سال سندس ناول 'شيطان جو ٻانهون' شايع ٿيو، جيڪو فئنٽيسي ۽ اخلاقي موضوع تي آهي. ساڳي سال ۾ 'خوفناڪ اسرار' نالي جاسوسي ناول لکيائين. ساڳي سال ۽ ساڳي اداري پاران سندس 'ماڪوڙن جي فوج'، جيڪو هڪ فئنٽيسي ناول آهي.

١٩٥٩ع ۾ محمد بخش جوهر جو 'جادوءَ جو پکو ۽ عجيب واقعو' لکيو. اڳتي هلي ٻيا بہ ڪيترائي اخلاقي ، مذهبي ۽ لوڪ ڪهاڻين تي مبني ڪتاب لکيائين. محمد بخش جوهر جا افسانا جاسوسي يا رومانٽڪ يا جانبازيءَ جي ڪري عام پڙهندڙن ۾ انتهائي مقبول هوندا هئا. سندس ڪهاڻين ۾ فئنٽيسي، سائنسي افسانيت جا بہ تجربا ملن ٿا. سندس ناول ۽ ڪهاڻيون تجسس، مار ڌاڙ، جاسوسي ۽ تفريح سان پرپور آهن. سندس ڪهاڻين لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ، "محمد بخش 'جوهر' جديد افسانہ نگاريءَ تي بہ طبع آزمائي ڪئي آهي. هن عشقيہ تصورات کي ڇڏي، معاشرتي ميدان ۾ پنهنجو قلم هلايو آهي. هن جو هر افسانو اسان جي سماج ۽ سماج وارن جي دلين ۾ زلزلي پيدا ڪرڻ جي بي پناهہ قوت رکي ٿو. سماج جا مشڪل مسئلا جوهر صاحب جي افسانن جو پلاٽ آهن. پراڻين رسمن کي تڙي ڪڍڻ، قومي ترقي جا سبب مهيا ڪرڻ هن جي افسانن جو خاص مقصد آهي."(١٤)

١٩٩٢ع ۾ محمد بخش جوهر جو ڪتاب ’برف ۾ رهندڙ ديو ۽ آدم جون هڏيون‘ ڪائنات پبليڪيشن طرفان شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ ڏياريندڙ اهي سفري ڪهاڻيون آهن، جيڪي جوهر صاحب جون سنڌس ايڊيٽريءَ ۾ نڪرندڙ ڊائجسيٽ ’سنڌي ڊائجسٽ‘ ۾ شايع ٿيون هيون. هي سفري ڪهاڻيون مختلف مغربي لکيڪن جي ڪهاڻين تان ترجمو ٿيل آهن. هي ڪتاب مهم جوئي فڪشن ۾ به اچي ٿو، جو ته ڪتاب ۾ موجود ڪهاڻيون بهادري، تجسس ۽ ساموندي، پهاڙي ۽ ريگستاني علائقن جي مهم جوئي جون ڪهاڻيون آهن. ڪٿي برفاني ديو ته ڪٿي آدم جو وڪريل هڏيون ڏيکاريل آهن. برف جي ديو سان وڙهندڙ هيرو ديو کي ماري ته وجهي ٿو پر پاڻ به موت جو شڪار ٿئي ٿو.

١٩٩٢ع ۾ محمد بخش جوهر جو ڪتاب ’تاريخ، ڏوهه ۽ سزا‘ ڪائنات پبليڪيشن پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ قديم دور کان وٺي جديد دور تائين جي ڏوهن جي قسمن ۽ انهن تي سزائن جي حوالي سان مضمون ۽ ڪهاڻيون ڏنيون آهن. هي ڪتاب، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ پنهنجي نوعيت جو منفرد ڪتاب آهي.

### محمد بخش جوهر جا تاريخي ۽ سماجي ناول:

محمد بخش جوهر ڪرائيم فڪشن، جاسوسي ادب ۽ سائنسي ادب سان گڏوگڏ تاريخي ۽ سماجي ناول ۽ ڪهاڻيون به لکيون آهن. انهن مان ڪجهه جو تعارف هن ريت آهي:

### باغي:

محمد بخش جوهر جو ناول ’باغي‘، آر. ايچ. احمد برادرس پاران ١٩٥٢ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول تاريخي موضوع تي آهي، جنهن ۾ رومي انقلاب جي هڪ اهڙي ياد آهي، جنهن مان جمهوريت جي دشمنن بهترين سبق سکيو. هن ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته دنيا جون ظالم حڪومتون عوام جي بغاوت سان بدلجنديون آهن. ظلم قائم رهندو آهي، پر ظالم هميشه زنده رهي نه سگهندو آهي. ناول جو انداز گهڻو ڪري ڊرامائي ڪري پيش ڪيو ويو آهي. ناول جا اڪثر ڪردار شيڪسپيئر جي ڪردارن مان ڪنيا ويا آهن، مثال طور اٿيلو، مرندا، اينٽونيو وغيره. سمورو ناول جنگي معرڪن، سازشن





۽ مهم جوين سان ڀريل آهي. ناول مان ليک جي تحرير جو نمونو ڏجي ٿو:

اٿيلو: توکي معلوم آهي جنرل ته جنهن کي تون باغي چئي رهيو آهين اهو ڪير آهي. هي اهو ئي انسان آهي، جنهن جي مٽي مان وهندڙ پسينو آب حيات سمجهي پيئندو آهين. هي اهو ئي انسان آهي، جنهن جي رت جو هڪ هڪ قطرو تنهنجي منهن ۾ داڻي جي مثل نظر ايندو هو...... هي اهو ئي قسمت جا شڪار آهن، جن جي حسرتن .... جنجي زمانن ۽ جن جي اميدن جي قبر تي تنهنجا عظيم الشان محل فلڪ تائين پهچندڙ قلعا ، انسان جي دل ڏڪائيندڙ برج کڙا آهن. ڇا تون سمجهين ٿو ته ديوتائن جو مظهر تنهنجو بادشاهه آهي؟ جيڪڏهن هي خيال صحيح آهي ته سڀ کان پهرين مان اهڙن ديوتائن کان روم جي پاڪ زمين کي ڪندس.“(١٥)

### گناهه جون راتيون:

محمد بخش جوهر جو ناول ’گناهه جون راتيون‘، آر. ايچ. احمد برادرس پاران ١٩٥٣ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ’گنهگار انسانن جا ڪارناما‘. هي ناول فوجداري يعني ڪرائيم فڪش جي زمري ۾ اچي ٿو. هن ناول جي ڪهاڻي ڪلڪتي جي انهن گنگهار انسانن جي آهي، جن جي هر گهڙي گناهه جي رات ۾ گذري. هو اٿندي ويهندي، سمهندي جاڳندي گناهن جي آغوش ۾ هئا. سندن موت به گناهن جي راتين ۾ ٿئي ٿو. هن ناول ۾ هڪ طرف هڪ مظلوم عورت جون ڪوڪون آهن ته ٻئي طرف ظالم مردن جا خوفناڪ ٽهڪ آهن. هن ناول جي آخر ۾ اخلاقي درس ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ناول جو تاڃي پيٽيو شهري ماحول ۾ اڻيل آهي ۽ ناول ۾ آيل واقعا هر شهر ۾ ٿي سگهن ٿا. هن ناول ۾ هڪ عورت، جيڪا ڪنهن امير گهراڻي جي هئي پر ڪاليجي دؤر واري حياتيءَ ۾ غلط صحبت جي ڪري ڀٽڪي پئي ۽ پوءِ مسلسل بدڪردار مردن جي حوس جو شڪار ٿيندي رهي. انهن مردن جي ڪرتوتن ۽ عيبن جي ڪيس هر شيءَ معلوم هئي.

### ڪاليجي ڪڪي:

محمد بخش جوهر جو ناول ’ڪاليجي ڪڪي‘، آر. ايچ. احمد برادرس پاران ١٩٥٣ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول جاسوسي ڪان وڌيڪ سماجي موضوع تي آهي، جنهن ۾

بين لفظن ۾ عورت جي ڇڙواڳ تعليم ۽ محبت جي مخالفت ڪئي وئي آهي. ان سلسلي ۾ ناول جي سمجهاڻيءَ ۾ محمد بخش جوهر لکيو آهي، ”موجوده زماني جي ناقص تعليم ۽ والدين جي بيپرواهي ۽ بي توجهي ڪان اولاد ڪيتري قدر بداخلاق ۽ بدچال بڻجي وڃي ٿي، انهيءَ جي هڪ جهلڪ هن ڪتاب ۾ پيش ڪئي اٿم. هيءَ ڪهاڻي هڪ شريف خاندان جي جوان ڇوڪريءَ جي بنسبت آهي، جنهن کي سندس والدين اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آزاد ۽ خودمختيار ڇڏي ڏنو. هن ڪاليج ۽ هاسٽل ۾ رهي ڪهڙا ڪارناما ڪيا ۽ تعليم جي ابن سندس احساس ڪمتريءَ مان ڇا ناجائز فائدا ورتا ۽ سندس ڪاليجي ساهيڙين جو ڪهڙو حال هو، سو سڀ ڪجهه کولي لکيو ويو آهي.“(١٦)

هن ناول ۾ نجمه نالي ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي ڏنل آهي، جنهن پنهنجي ڊائري لکي هئي. سندس شادي هڪ شاهوڪار نوجوان رشيد سان ٿئي ٿي، جيڪو ڪجهه وقت ۾ محسوس ڪري ٿو ته نجمه سان شادي ڪري هن غلطي ڪري وڌي آهي. هڪ ڏينهن رشيد نجمه جي بي رخيءَ جي ڪري مري وڃي ٿو. سندس دوست نثار، جيڪو ناول جو راوي آهي، ان کي نجمه جي ڊائري هٿ اچي ٿي، هو سموري واقعن ۽ حالتن کي جاسوس وانگر تلاش ڪري ٿو. نجمه انگريزن جي دور ۾ ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪليم نالي هڪ شخص سان محبت ڪرڻ لڳي ٿي، جيڪو ڪيس فلم جي هيروئن بنائڻ جا آسرا ڏئي لاهور وٺي آيو، جتي ڪيس شراب پارٽين ۾ وڏن ماڻهن جي حوالي ڪرڻ ۽ حسن بازار ۾ آڻڻ وارا ڪم ڪرايا. نجمه جي شادي هڪ شريف ماڻهوءَ سان ٿي، جنهن سان به هو جٽاءُ ڪري نه سگهي. سندس رهيل سموري حياتي پڇتاءَ ۽ بي وسي جي ور چڙهي وئي.

**زبردستي:**

محمد بخش جوهر جو ناول ’زبردستي‘، آر. ايڇ. احمد برادرس پاران ١٩٥٢ع ۾ شايع ٿيو. هي سندس ناول گهڻو تڻو سماجي سڌاري واري موضوع تي آهي. هن ناول ۾ ڏيکاريل آهي ته اهي ظالم طاقتون انسانيت جا ليڪا لتاڙي، ڪمزور انسانن تي ظلم ڪن ٿا. محمد بخش جوهر واضح ڪيو آهي ته هي ناول ڪنهن اردو ناول تان ڪنيل آهي. هي ناول تمام گهڻو مشهور ٿيو هو. ناول موضوع توڙي بيان ۽ عام فهم زبان ۾





شاندار آهي. هن ناول ۾ سعادت جي روپ ۾ هڪ اهڙي شخص کي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو سادن ۽ غير عورتن کي لالچ ۽ بليڪ ميل ڪري ۽ زور زبردستيءَ سان بازار حسن جي بازارن ۾ آڻي رقص ۽ ٿيئٽر تي متعارف ڪري ٿو. هو سيٺين ۽ بالاحڪامن لاءِ ڪم ڪندو هو. ناول جو هيرو، جيڪو سعادت جي ظلمن جو شڪار رهيو ديوانو ٿي چڪو آهي، هو بيوس عورتن جي عصمت فروشي ڏسندو رهيو هو. آخر ۾ رات ۾ ٿيئٽر ۾ ٿيندڙ هڪ ناچ ۾ تماشاين جي سامهون سعادت ، راجڪماري ۽ شهزاديءَ کي قتل ڪري ، سندن ظلمن جو انت آڻي ٿو. هن ناول ۾ انگريز دور جي هندستان جي سماج جا ڪيترائي عڪس ڏنل آهن ۽ ان دور جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي عڪاسي به ڪيل آهي. ناول ۾ ٻولي به بهترين استعمال ٿيل آهي.

**سکن سان لڙائي:**

محمد بخش جوهر جو تاريخي ناول ’سکن سان لڙائي‘، آر. ايڇ. احمد برادرس پاران ١٩٥٣ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول واقعاتي ۽ تاريخي موضوع تي آهي. هن ناول ۾ ١٩٤٧ع جي آزاديءَ کان پوءِ هندستاني مسلمانن جو سکن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جيڪي فساد ٿيا، هي ناول ان پسمنظر ۾ لکيل آهي. هي ناول مسلمانن جي بهادريءَ جي تصوير آهي. سال ١٩٤٧ع جي ٥ مارچ جي ڏينهن امرتسر جي گهنٽا گهر بازار جي گرو باغ وٽ سکن هڪڙي مسلمان سوناري ممتاز خان کي شهيد ڪري ڇڏيو. اهو سونارو اصل ڪشمير جو باشندو هو ۽ امرتسر ۾ رهندي، ان کي ورهيه ٿي ويا هئا. پنجاب جي سکن جي مسلمانن سان لڙائيءَ جي شروعات ان خون بعد ٿي. ناول ۾ پاڪستان تحريڪ جا ڪيترائي عڪس پسي سگهجن ٿا. ڪهاڻيءَ کي مختلف بابن ۾ ورهايو ويو آهي. ناول ۾ جنگي واقعا ۽ تاريخي واقعا ڪردارن سان بهترين نموني پيش ڪيا ويا آهن. ناول جي ٻولي ۽ منظر نگاري به شاندار آهي.

**راج محل جا راز:**

محمد بخش جوهر جو تاريخي ناول ’راج محل جا راز‘، آر. ايڇ. احمد برادرس پاران ١٩٥٣ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول مسلمان مجاهدن فتوحات جو هڪ باب آهي. راج محل هندستان جي صوبي جهار کنڊ جي ضلعي صاحب گنج ۾ آهي. هن ناول ۾ سلطان محمد تغلق ۽ فيروز شاهه تغلق جون سکن سان لڙاين جي ڪهاڻي ڏنل

آهي. ناول ۾ ڪيترائي تاريخي واقعا ۽ ڪردار اصل تاريخن تان کنيا ويا آهن. ليکڪ جو چوڻ آهي تہ هن هيءُ ناول پاڻ لکيو آهي. راج محل جي اندورني رازن کي بہ ڦاش ڪيو ويو آهي ۽ راڻين جي محبتن ۽ سازشن تان بہ پردو کنيو ويو آهي. پريم ديويءَ جي ڪردار بهترين نموني پيش ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ ان دور جي مسلمان مجاهدن جي شجاعت ۽ هندن جي سماجي ۽ ڌرمي حالتن کي بہ چٽيو ويو آهي. ناول جي ڪهاڻي ، موضوع ۽ ٻولي بہ شاندار آهي.

ان کان علاوه، سندس ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. محمد بخش جوهر جا جاسوسي ناول تجسس ۽ تفريح سان ڀرپور آهن. سندس اڪثر ناول گهڻو ڪري ترجمو آهن ۽ هنن اصل ناول لکندڙن جا نالا ڪونہ ڄاڻايا آهن. هن اصل ناولن کي جيئن جو تيئن ترجمو ڪو نہ ڪيو آهي، پر انهن ۾ سماجي ۽ تاريخي واقعا بہ شامل ڪيا اٿائين. ڪيترن ناولن جي اصل ماحول کي ختم ڪري سنڌي ماحول مطابق سرجيا اٿائين.

محمد بخش جوهر جي جاسوسي ناولن تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي. هن جي ناولن ۾ هڪ پنهنجو ماحول آهي، جادوگر، ڏائڻيون، محل، ديو، دغا باز دوست، مئلن جو ڪوپڙيون وغيره وغيره. مطلب تہ سندس ناول ونڊر جي لحاظ کان شاندار آهن. ان کان علاوه هن 'ڪاليجي ڪڪي' جهڙا ناول بہ هن لکيا، جن ۾ سماج جي عڪاسي ملي ٿي. آخري وقت ۾ شيخ علي محمد جي ڪيڊيل روزاني آفتاب ۾ صحافتي فرائض سرانجام ڏنائين. لکڻ سندس زندگي جو مشغلو هو. نهايت غريب ۽ ساده طبع جو هي نالي وارو اديب ۽ صحافي گمنامي جي زندگيءَ جا ڪيترا سال ڪراچي ۾ گذاريندي نيٺ ۶ جون ۲۰۱۰ع ۾ گذاري ويو. جيڪڏهن اردو جو ليکڪ هجي ها تہ ڪو سندس اردو ناولن تي پي. ايڇ. ڊي ڪري ها.

## حوالا


۱. ملاح، مختيار احمد، 'ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت'، سنڌ لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۱۵ع، ص: ۲۷.
۲. ساڳيو، ص: ۱۲۵.
۳. آن لائين انسائڪلوپيڊيا، وڪي پيڊيا (اردو).







۴. پليجو، رسول بخش، 'انڌا اونڌا ويڄ'، انسائيڪلوپيڊيا ڪارپوريشن، حيدرآباد ۱۹۶۷ع، ص: ۶۳.
۵. قاضي خادم، ڊاڪٽر، 'يادگيريون' ٽي ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، (۱) ۲۰۱۹ع (سنڌي ادبي بورڊ جي ويب سائيٽ تان کنيل)
۶. جوهر، محمد بخش، 'دغا بازي'، باغبان پبليڪيشن، رسالا روڊ، حيدرآباد، ۱۹۵۶ع، ص: ۱.
۷. سڪايل، محمد بخش، 'پاپي راسپورتن'، خوبچند ٽي. سياڳچنداڻي بُڪ سيلر، شڪارپور، ۱۹۳۲ع، ص: ۶۶.
۸. سڪايل، محمد بخش، 'هيبتناڪ چمڪاٽ عرف موتمار چڪر'، خوبچند ٽي. سياڳچنداڻي بڪ سيلر، شڪارپور، ۱۹۳۸ع، ص: ۱،۲.
۹. سڪايل، محمد بخش، 'شرلاڪ هومز کي ڦاسي'، خوبچند ٽي. سياڳچنداڻي بڪ سيلر، شڪارپور، ۱۹۳۸ع، ص: ۱،۲.
۱۰. جوهر، محمد بخش، ' شرلاڪ هومز جا ڪارناما'، آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، ۱۹۶۰ع، ص: ۱۳۶.
۱۱. جوهر، محمد بخش، 'باغي'، آر. ايڇ. احمد برادرس، حيدرآباد، ۱۹۵۲ع، ص: ۱۲.
۱۲. جوهر، محمد بخش، 'اڏامندڙ ٽالهيون'، باغبان پبليڪيشن، حيدرآباد، ۱۹۵۷ع، ص: ۱.
۱۳. جوهر، محمد بخش، 'شيطان جو پاڇو'، خوبچند ٽي سياڳچنداڻي بڪ سيلر، شڪارپور، ۱۹۳۷ع، ص: ۱۰.
۱۴. الانا، غلام علي، 'سنڌي افسانا' (ادبي اوسر)، سنڌي زبان اشاعت گهر، ۱۹۶۷ع، ص: ۱۲.
۱۵. جوهر، محمد بخش، 'باغي'، آر. ايڇ. احمد برادرس، حيدرآباد، ۱۹۵۲ع، ص: ۱۲.
۱۶. جوهر، محمد بخش، 'ڪاليجي ڪڪي'، آر. ايڇ. احمد برادرس، حيدرآباد، ۱۹۵۳ع، ص: ۱.